**اُتساھہ پبليڪيشن جو ڪتاب نمبر: 09**
حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: برساتن لئہ کھڙا بارڊر'
موضوع: شاعري
شاعر: پيارو شيواڻي
ڇاپو: پهريون
سال: 2016
ڪاپيون: 1000
لي آئوٽ: پرڪاش ڪرماڻي
ڇپائيندڙ: اُتساھہ پبليڪيشن مٺي، ٿرپارڪر_ 03332511104
ڇپيندڙ: سامروٽي پبليڪيشن ٿرپارڪر –0333173584
قيمت: 100 روپيا

**ارپنا**
سائين
**پريم شواڻي**
۽
**صادق فقير**
جي نانءُ



برساتن لئہ کھڙا بارڊر

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر **(268)** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب **”برساتن لاءِ کھڙا بارڊر“** خوبصورت شاعر **پياري شيواڻي** جي شاعريءَ جو ٽيون ڪتاب آهي. جنهن ۾ سنڌي، ڍاٽڪي اردو ۽ ٻين ٻولين ۾ شاعري شامل آهي ۽ سندس فن ۽ فڪر تي ڌات ڏٽين جون لکڻيون پڻ شامل آهن، .

ٿر جي اَدبِي، ثقافتِي ۽ سَماجِي ڪَئِنواس تي پِياري شِواڻي (يا شيواڻي) جي نانءُ وارو تجريدِي ڪَلا وسيلي خُوبِ نِکرندڙ رنگ ڪُجھ ڪثرت سان ئي اِستعمال ٿيندو رهيو آهي. پر پيارو منيءَ کي ڇڏي سرحد پار هند هليو ويو، پر بارڊر بہ سندس محبت ۾ ڪمي آڻي نہ سگھيا.

هي ڪتاب **اتساھ پبليڪيشن، مٺي** پاران 2016ع ۾ **سامروٽي پبليڪيشن ٿرپارڪر** وٽان ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون پياري پرڪاش ڪرماڻيءَ جا جنهن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي موڪلي، ٿورا محترم پياري شيواڻي صاحب جا جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گھر ۾ شيئر ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وسان**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**

نديءَ تي نينگريون وهنجي، ڪٽي وييون مٿ پاڻيءَ جا،
ندي پئي هيڪلي روئي، ڏسي ڪو ڦٿ پاڻيءَ جا،

اڳي تہ ايئن هوندو هو. مليو ٿي انُ بازارين !،
جڏهن ڪان پاڻ سُڏريا هئون، ڏٺاسين هٿ پاڻيءَ جا،

صبوح ڪان سڀ آيون پي،ڪوه تي هيل پاڻيءَ لئہ
مگر تون نہ آئيين جو، لُڇيا ٿي پٽ پاڻيءَ جا

جتي ڪل جر جاري هو، اُتي تہ هاڻ واري آ
مُهاڻو ٿو روئي ساري، اُهي گُوگهٽ پاڻيءَ جا

❖



www.sindhsalamat.com

برساتن لئہ کھڙا باربر

روهيڙي جو وڻ ٻني ءَ ۾
بيٺي آ هُو، ڄڻ ٻنيءَ ۾

ٻُرٽن جيان ٻوٽار ڦرن پيا
اوڍي هل، اوڍڻ ٻني ءَ ۾

ٻُڙ جي ٻِنڊ ۾ ٻاجهر ماني !
واه جو آ اولڻ ٻني ءَ ۾

تنهنجا نيڻ ٻنجي پيئڙا،
گِليلي، گوڦڻ ٻنيءَ ۾

تون جو آئيين سوني ٿي پئي،
لالڻ ، هي لُوسڻ ٻنيءَ ۾

ڪاش هلين ها تون ٻي گڏجي،
پياري سان پوکڻ ٻنيءَ ۾

❖



www.sindhsalamat.com

تو سان شروع ٿي، تو تي ختم ٿي
ذڪر ٿو اسان جو ايئن صنم ٿي.

جوڙا سمورا ، اُپ تي ٿهيا پر،
زمين تي ڪارو ، ڪاري رسم ٿي

اسڪيمون ڪائڻ، آسان ڪيڏيون،
نالونہ پنهنجو، ڪنهن ڪان هضم ٿي.

هندو هجي يا ، مسلم هجي پل،
هرڪو روئي جي ، ڪڙو علم ٿي،

جتي پيي مران ۾، جڏهن پيي مران پر،
وري جي ڄمان تہ ، سنڌ ۾ جنم ٿي.

❖





چوٽ توکي لڳَي ، درد مونکي ٿِيئي،
جيئن مان ٿو جيئان ، ايئن پيي کو جيئي.!

درُ ڪُليل هُيو، اک بند نَہ هُئي،
راتُ جاڳِي ڪٽيو، مُون سان هِڪڙي ڏيئي،

پيارُ وقت گهُريو، پيٽ کون چڏيو!،
مُئس مان پيي ڪٿي؟ ، پيو هُو پيي جيئي.!

مور من جو روئيِ ، روز ڪيڙا ڪري ،
ڊيل ڪائي هُجي ، جيڪا آنسوُ پيئي،

ڳوٺ سارَي مٿي ، ڳِهَرِ آهي منا،
چا تہ اثرُ چڏيو، تُنهنجي هِڪڙي ليئي

❖

ٿليا پئي ڪي ٿولا ، گڏيءَ جي تہ گڏ تي،
مونکي تنهنجي ٻولا ، گڏيءَ جي تہ گڏ تي .

الئہ ڪيستائين ، ٿر ، ٿر رهندو ؟ !
ڪُڏي ٿي ڪرولا ، گڏيءَ جي تہ گڏ تي.

الئہ ديس ڏارا ، وڃي ڇو ٿون وينين؟
روئان ٿو مان تولا، گڏيءَ جي تہ گڏ تي

اسان منهن پاڻي ۾ ڏٺو ڪونہ آهي
ملائيندو مولا ، گڏيءَ جي تہ گڏ تي

هلي آءُ پيارا ، ڏسون پاڻ ٻيئي،
مٺيءَ جا مينهولا ، گڏيءَ جي تہ گڏ تي،

❖





توکي ڪيڏو ، هوءَ ٿي چاهي ؟
پُٽ ، رليءَ جو ٿو ڳالهائي!

هن جي هٿ ۾ روز هجڻ لاءِ
ڏاڍو ڏاڍو ٿو واجهائي

هنداڻي ڪي ، هُرمچ وانگي،
عشق انوکو ، ٿو چِترائي

پتوارڻ لاءِ نيڻ صبوح ڪان
هاري ڏاڍي ۾ ڊوڙائي،

هوءَ هجي شل، روهيڙي جان،
ڏُڪارن ۾ ، نہ مُرجهائي،

راسوڙي جي، رقص سان ڪولهي ،
ڪارونجهر جو ڪر گونجائي

❖

## ڍاٽڪي نطم

# ويڪيشن

اونــهــاڙي ري ويــڪــيــشـــن ۾
لـڪ لـڪـوٽـي، روج رمـيـا تـي،
آڪـــو پـــايـــو مـــيـــ رو ســـايـــو
گھر گھر ڏاٽا، ڪـيـن پـنـيـا تـي ؟
ٻــاڙوتــڻ را، ڏيــنــهــن ســنــيــاري،
نيـڻ مـانـهـانـجـا، رات پِـجـيـا تـي،
اونــهــاڙي ري، ويــڪــيــشـــن ۾،
لـڪ لـڪـوٽـي ، روج رمـيـا تـي،





اج ڪلہ مانهانگـا ، جُـوتـا پـهـري
مهيـٽـي ٻـيـجـي ، ٻـيـجـا لـيـان تـا،
پـڻ او بـچـپـن يـاد ڪـران تـو
جـڏهـيــن پـگـيـا ٻـڙتـا ڏاڍا،
تـڏهـيـن اڪ را پُـڙڪـا تـروڙي،
بـاٽـا جُـتـيـن آپـيـن ٽـاهـاتـا ! ! ،
اِٽـــوڙان ۾ نـــوڙيـــن ٻـــنـــڌي،
ڪهڙيـن لاريـن ، آپـيـن ٽـاهـاتـا !
ٻـاڙوتـڻ را ڏيـنـهـن سـنـيـاري،
نـيـڻ مـانـهـانـجـا رات پِـجـيـا تـي،
اونـــهـــاڙي ري ويـــڪـــيـــشــن ۾،
لـڪ لـڪـوٽـي روج رمـيـا تـي،

ڪـاڪـو پونجو، مٽـي ڏيـنـهـن رو،
سُـــوتـــو جـــائـــي ، اوطـــاري ۾،
آپـــيـــن ســجـــا ، اُوئـــي ٽـــاٽـــي،
ٻـيـڙيـن پـيـتـا ، چـورايـوڙيـن،
ڪـاڪـو جاڳـي ، جـڏهـان جـوتـو،
ٻـيـڙيـان ري ڪـوٽـڙئـي نـان،
ٽـلـو ڏيـڪـي ڪـوٽـڙئـي نـان،
ڏُڪـــو ڪـــٽـــي آپـــان لاري،
درهوڙي درهوڙي ، ڪنگهي ڪنگهي ،
ٻيسي رهاتو، ٻُـڪـڙ مـنـهـيـن نـان
ٻـاڙوتـڻ را ڏيـنـهـن سـنـيـاري،

نيڻ مانهانجا رات پِڃيا تي،
اونهاڙي ري ويڪيشن ۾،
لڪ لڪوتي روج رميا تي،

هي تان ڏاڙهي اڇي اهي پڻ،
منهين نان ٻيئل ويجاڙوڪو
ڏرتي تانهانجا ڏورا ساري،
ڏوٻا ڏوٻا ، آنسو ڍوڙي،
هيڪُو ڪين او سيمان ساري
پپان ، ڪُنپيين ، ڪونديران نان،
سپني پِتر ، چُنبڻ سارون،
بنگلا چِڏي ، گامان سمهون،
جائي پُجي ، روزاني تو
ٻاڙوتڻ را ڏينهن سنياري،
نيڻ مانهانجا رات پِڃيا تي،
اونهاڙي ري ويڪيشن ۾،
لڪ لڪوتي روج رميا تي،

❖



www.sindhsalamat.com



## دل چوي تي هاڻ يارا،

ڳوٺ سڄي ڪي هڙ ۾ ويڙهي
رڪجي راجستان سڄي ۾،
جنهن ۾ جوڌاڻو تو جرڪي،
جنهن ۾ پاراڻو تو پَسجي،
جنهن ۾ ڏُونگر ڏورا آهن
تنهن ۾ مُحب گُهرائي پنهنجو،
چونئرو اَڏجي ، لانڍِي اَڏجي،
جن جي چوتين چنڊ اُهو ئي،
پنهنجو پيارو روپ ڏيکاري،
تڏهن پنهنجو ڳوٺ سنياري
مُحب منَي ڪي مالهاڻي جيان
چاتيءَ لائي مور ڏيکاريان،



www.sindhsalamat.com

## ڍاٽڪي

❖

مور ٺھوڪيو ٽيج رو ٻيسي ڪيجڙ ڏاڙ
جيڏليان ري جاد ۾، لُوهي لُٽڪان لاڙ
مهندي آن سينگار، وسري گيا ولات ۾.

❖

## سنڌي

❖

مور ٺھوڪيو ٽيج جو، ويهي ڪنڌيءَ ٽار،
سهلڙين جي سار ۾، اُگهي لُٽڪن لار،
مهندي ۽ سينگار ، وسري ويا ولايت ۾

❖

مُلان رنگجيِ رنگ ۾ ، ۽ رنگيَ هندو پاءُ ،
مندر ، مسجد ، سپ ۾ ، ساڳو اچي ساءُ،
دليان ، دُور ٿي وڃي ، تو مان ، مون مان تاءُ،
وري اهڙو واءُ ، عيد ، ڏياري هڪ ٿيئي

❖ .





## رڪشا بنڌن ( رکڙي پونم )

## سنڌي

پائر . پيٽن وچ ۾ .جي هجي لوهي تار
ڪندا ڪهڙي ڪوڏ سان؟ .راکي جو تهوار
ٻارڻ وارا ٻار. ڪنڍا ڪنڌيءَ وچ جا

❖

## ڍاٽڪي

پايان .ٻهنان وچ منهين. جَي هوئي لوه ري تار.
گرسين ڪهڙي ڪوڏ سين ؟ رکڙي رو تهوار.
ٻاڙڻ واڙا ٻاڙ. ڪنتا ڪنڌي وچ را .

❖

